# معراج جا معجزا

11-March-2021



هفته وراه د سُنّتو ډکه اِجتماع کښې کيدونکے

د سُنّتو ډک بيان

(For Islamic Brothers)

11 مارچ 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# معراج جا معجزا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- ❖ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سَفرِ مِعراج جو واقعو
- ❖ مِعراج جي برڪت سان غير مسلم جي قبولِ اسلام جي دلچسپ حڪايت
- ❖ هِرَقل بادشاهه جي دربار ۾ مِعراج بابت شاهدي
- ❖ مِعراج جا معجزا

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیَہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبه بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# معراج جا معجزا

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا حَبِیۡبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا نُوۡرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري** وٺو، ڇوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## پريشان حال تي ڪرم ٿي ويو

هڪ ڀيري ملائڪن جي سردار حضرت جبريلِ امين عَلَیۡہِ السَّلَام **معراج جي** گهوٽ، اِمامُ الانبيا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي خِدمتِ بابرڪت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو:** **يارسولَ الله** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! **اڄ مون ڪي ڪوهِ قاف ڏانهن وڃڻ جو اتفاق ٿيو،** اتي مون روئڻ جو آواز ٻڌو، جنهن پاسي ڪان آواز اچي رهيو هو مان ان پاسي ويس تہ ڏٺم: هڪ ملائڪ جيڪو آسمانن تي اِعزاز ۽ اِڪرام سان نوراني تخت

تي ويهندو هو، 70 هزار ملائڪ ان جي چوڌاري صَف ٻڌائي بيٺل رهندا هئا، اهو جڏهن ساهه کڻندو هو تہ الله پاڪ ان جي ساهه جي بدلي هڪ ملائڪ پيدا ڪندو هو پر اڄ اهو ئي ملائڪ ڪوهِ قاف جي وادي ۾ پريشان حال، ۽ زارو قطار روئي رهيو هو، مون ان کان پڇا ڪئي: ڪهڙو حال آهي؟ توسان ڇا مُعَاملو ٿيو؟ ملائڪ چيو: مِعراج جي رات جڏهن الله پاڪ جا حبيب، دلين جا طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي ويجهو کان گذريا تہ مون پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۽ تڪريم جي پرواهہ نہ ڪئي، الله پاڪ کي منهنجي اها ڳالهہ پسند نہ آئي، ان ڪري مون کي ان جي سزا ڏني وئي ۽ ان بلندي کان هيٺ لاٿو ويو. پوءِ ان مون سان درخواست ڪئي: اي جبريل! الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ منهنجي سِفَارش ڪر تہ جيئن الله پاڪ منهنجي خطا معاف فرمائي.

يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ نهايت عاجزي سان ان جي مُعَافِي جي درخواست ڪئي تہ اِرشاد ٿيو: اي جبريل! ان ملائڪ کي ٻڌائي ڇڏ! جيڪڏهن هي مُعَافِي چاهي ٿو تہ منهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرود پڙهي.

يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون جيئن ان ملائڪ کي ٻڌايو تہ اهو يڪدم اوهان جي بلند مرتبہ ذات تي درود پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ان جا وار ۽ پَر نڪرڻ شروع ٿيا ۽ اهو اُڏامي آسمان جي بلندين ۾ وڃي پهتو. (جامع صَغِير ، صفحہ:557، حديث : 9326)

دُکھوں نے تم کو جو گھیرا ہو تو درود پڑھو! | جو حاضِری کی تمنا ہو تو درود پڑھو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الۡحَسَنَةُ تُدۡخِلُ صَاحِبَهَا الۡجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي. (بخاری، کِتَاب:بَدءُ الۡوَحی، باب:کیف کان بدء الوحی...الخ، صفحه:65، حديث:1)

اي عاشقانِ رسول! چڱي نيت جنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي. هرنيڪ ۽ جائز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجھ سٺيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنۡ شَآءَ الله چئي ان جو اظهار ڪريو: ❖ عِلۡم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❖ ذڪر معراج ٻُڌي ڪري، دل ۾ عشق رسول وڌائڻ جي ڪوشش ڪندس

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ رَجَبُ الۡمُرَجَّب جي ستاويهين رات آهي، هي اها مبارڪ رات آهي جو جنهن رات جنّت سجائي وئي، اڄوڪي ئي رات عرش تي ڌوم متل هئي، اڄوڪي رات زمين تي انوار جي برسات ٿي، اڄوڪي ئي رات حُور وغِلۡمان ۽ ملائڪ منهنجي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي استقبال جي لاءِ صَف ٻڌي بيٺل رهيا، اڄوڪي رات الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب، مِعراج واري مصطفيٰ، امام الانبيا صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عرش ۽ ڪرسي جي سير ڪرائي، جنّت ڏيکاري ۽ مَا شَآءَ الله! سِدرَة المنتهيٰ ۽ لامڪان، پوءِ ان کان بہ اڳتي قُربِ خاص ۾ گهرايو، هم ڪلامي جو شَرف عطا فرمايا ۽ سُبۡحٰنَ الله! محبوب مصطفيٰ، سردارِ انبياء صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عَين حالتِ بيداري ۾، اکين سان پنهنجو ديدار بہ ڪرايو.

ہیں صَف آراء سب حُور و ملک اور غِلماں خُلد سجاتے ہیں
اِک دُھوم ہے عرشِ اعظم پر مہمان خدا کے آتے ہیں
ہے آج فلک روشن روشن، ہیں تارے بھی جگمگ جگمگ
محبوب خُدا کے آتے ہیں، محبوب خُدا کے آتے ہیں
ہے خُلد کا جوڑا زیبِ بدن، رَحمت کا سجا سہرا سَر پر
کیا خوب سُہانا ہے منظر، معراج کو دولہا جاتے ہیں
یہ عِزّ و جلال اللہ! اللہ!، یہ اَوج وکمال اللہ! اللہ!
یہ حُسن وجمال اللہ! اللہ! معراج کو دولہا جاتے ہیں
وہ کیسا حسین منظر ہو گا، جب دولہا بنا سرور ہو گا
عُشّاق تَصوُّر کر کر کے بَس روتے ہی رِہ جاتے ہیں
اللہ کی رحمت سے سرور جا پہنچے دَنا کی منزل پر
اللہ کا جلوہ بھی دیکھا، دیدار کی لذّت پاتے ہیں
مِعُراج کی شب تو یاد رکھا، پھر حشر میں کیسے بھُولیں گے
عطّار اسی اُمّید پہ ہم دِن اپنے گزارے جاتے ہیں

(وسائل بخشش، صفحه:286)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## معراج واري واقعي جو خلاصو

ڪم و بيش 1442 سال پهريان جي ڳالهه آهي، رَجَبُ الْمُرَجَّب جي ستاويهين رات ۾ رات جو آخري حصو هو، حُضُور، سَيدِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي سؤٽِ حضرت اُمِّ هاني رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي گهر ۾ سُتل هئا، اوچتو حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام بُراق (نالي جنتي سُواري) ۽ ملائڪن جو لشڪر وٺي پيغامِ

**الٰهي ڪٽي حاضِر ٿيو، پنهنجا ڪافُوري باز۠و سرڪارِ عالي وقار** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي مُبَارَڪ ترين سان مَهٽي حُضُور جانِ ڪائنات** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي بيدار ڪيو، الله پاڪ جو پيغام پهچايو، سِيني مُبَارَڪ مان پاڪ صاف دِلِ مصطفيٰ کي ڪڍي آبِ زم زم سان ڌوئي ٻيهر ان مبارڪ سيني کي حڪمت ۽ نور سان ڀريو، پوءِ آبِ ڪوثر سان غسل ڪرايو، سرڪارِ ذي وقار، ٻنهي جهانن جي مالِڪ و مختار** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي گهوٽ ڪري جنتي لِبَاس پارائي، بُراق (نالي جنّتي جانور) تي سوار ڪيو، اهو بُراق انتهائي تيز رفتار هو، ان جي تيز رفتاري عقل کان ٻاهر آهي:**

*ٿا بُراقِ نبي يا ڪہ نُورِ نظر — يہ گيا، وہ گيا اور نہاں ہو گيا*

**حضرت جبريل امين** عَلَيْهِ السَّلام **بُراق جو لغام پڪڙيو، اسرافيل** عَلَيْهِ السَّلام **پويان هليا، ملائڪن چئني پاسن کان بُراق کي گهيري ورتو، ان شان سان مِعراج جي گهوٽ، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي سُواري مڪي شريف کان روانا ٿي، گهڙي کن ۾ بيت المقدس پهتا، بيت المقدس ۾ تمام نبي ۽ رسول ۽ ملائڪ پهريان ئي استقبال جي لاءِ مَوجُود هئا، نماز جي تياري هئي، بَس اِمام جو انتظار هو.**

**الله! الله! ڇا شان آهي اسان جي آقا ۽ موليٰ، محمد مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو...!! آسمانِ نبوت جا اهي چمڪندڙ تارا جن جي دَم سان جهان ۾ روشني ٿي، باغِ رسالت جا مهڪندڙ گل جن سان زمانو مهڪي رهيو هو، جن جي پويان پويان هلي زمانو جَنّت جي راهہ ڏانهن هلي رهيو هو، اڄ اهي صَف ٻڌي شهنشاهہ رسالت، تاجدارِ خَتمِ نبوت** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي پويان بيهي سندن پيروي ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ انتظار ڪري رهيا آهن.**

**سچي عاشقِ رسول، اِمامِ اهلسنت، شاهہ اِمام احمد رضاخان** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **ڇا تہ خُوب فرمايو آهي:**

سب سے اوّل سب سے آخر ابتدا ہو اِنتہا ہو
تھے وسیلے سب نبی تُم اصل مقصودِ ہُدیٰ ہو
قُرب حق کی منزلیں تھے تُم سفر کا منتہیٰ ہو
سب کی ہے تم تک رسائی بارگہ تک تم رسا ہو[1]

**شعر جي وضاحت:** يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! **اَوَّل نبي بہ اوهان آهيو، آخري نبي بہ اوهان ئي آهيو، اِبتِداء بہ اوهان آهيو، اِنتِها بہ اوهان آهيو، پهريان انبياءِ ڪرام** عَلَیۡہِمُ السَّلام **سڀ جا سڀ هدَايت جو وسيلو هئا، اوهان هدايت جا اَصل مقصد آهيو، پهريان انبياءِ ڪرام** عَلَیۡہِمُ السَّلام **قُربِ الٰهي واري راهن جون منزلون هئا، اوهان هن راھ جي انتها آهيو، سيئي اوهان تائين پهچن ٿا ۽ اوهان جي رسائي الله پاڪ تائين آهي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقان رسول! انبياءِ ڪرام** عَلَیۡہِمُ السَّلام **امام جو انتظار ڪري رهيا هئا، جيئن ئي مِعراج واري مصطفيٰ، سَيدِ بطحا** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي سُواري پهتي، سيني پرپُور استقبال ڪيو، سيئي نبي ۽ ملائڪ مقتدي بڻجي صَف ٻڌي پويان بيهي رهيا، حُضُور جانِ رَحمت، شَمعِ بَزمِ هدايت** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **امامَت جي مصلّي تي تشريف فرما ٿيا، سُبۡحٰنَ الله! ڇا نماز آهي، پهريون قبلو يعني مسجدِ اقصيٰ نماز جو هنڌ آهي، ملائڪ مؤذّن آهن، جبريل امين** عَلَیۡہِ السَّلام **تڪبير چئي رهيا آهن، انبياءِ ڪرام** عَلَیۡہِمُ السَّلام **مقتدي آهن ۽ امامُ الانبيا** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **امامت فرمائي رهيا آهن.**

نمازِ اَقصیٰ میں تھا یہی سِرّ، عیاں ہوں معنیِٔ اَوّل، آخر
کہ دَسْت بَسْتہ ہیں پیچھے حاضِر جو سلطنت آگے کر گئے تھے[2]

1...حدائق بخشش، صفحه:341-342.

2...حدائق بخشش، صفحه:232.

**شعر جي وضاحت:** اسان جا آقا ۽ مولا، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اَوَّل بہ آهن، آخر بہ آهن، مسجدِ اَقصيٰ ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ڪي نماز پڙهائڻ ۾ هڪ راز اهو آهي جو سندن اَوَّل ۽ آخر هئڻ واضِح ٿي وڃي، سيئي ڏسي وٺن تہ جيڪي نبي سڳورا عَلَيْهِمُ السَّلَام اوهان کان پهريان گذري چڪا هئا، اڄ اهي ئي هٿ ٻڌي بيٺل آهن يعني حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آخر آهن تہ سيني کان بعد دُنيا ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اَوَّل بہ آهن جو پهرين سيني نبي سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جا امام آهن.

هن نماز کان فارغ ٿي سفرِ آسمان جي تياري هئي، اهو ئي بُراق، اها ئي ڄڃ، اهو ئي گهوٽ، اهي ئي ڄاڃي، جلدي ۾ پهريون آسمان آيو، اُتي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام استقبال ڪيو، پوءِ هڪ هڪ ٿي ڪري آسمان ايندا ويا، گذرندا ويا، ٻي آسمان تي حضرت يحييٰ ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِمَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ٽئين آسمان تي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام چوٿين آسمان تي حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام پنجين آسمان تي حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام ڇهين آسمان تي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ستين آسمان تي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام استقبال ڪيو، سندن زيارت ۽ ملاقات سان مُشَرَّف ٿيا، آسمانن تان گذرندي ئي سِدرَۃُ المنتهيٰ سامهون آيو، پوءِ حال هيءُ هو جو.

*بَفَوْرِ صَدا، سَماں یہ بندھا، یہ سِدْرَہ اُٹھا، وہ عرش جھکا*
*صفوفِ سما نے سجدہ کیا، ہوئی جو اذاں تمہارے لئے (1)*

**شعر جو مفهوم:** شب معراج جڏهن اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تشريف آوري جو اِعلان ٿيو تہ سِدرَۃُ المنتهيٰ خوشي وچان پنهنجي جڳهہ تان اٿي بيهي رهيو، عرشِ معليٰ استقبال جي لاءِ جهڪي ويو ۽ ملائڪ شڪر جي سجدي ۾ ڪري پيا.

سِدرَۃ المنتهيٰ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ سَدِّ راه (يعني اڳتي وڃڻ کان رُڪاوٽ) بڻجي ويو، اتي پهچي جبريل امين عَلَيْهِ السَّلَام اڳتي وڃڻ کان معذرت

1...حدائق بخشش، صفحه:235۔

**ڪئي، سرڪارِ ذِي وقار، مڪي مديني جي تاجدار** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: جبريل! همراهي جو اهو طريقو ناهي جو راهه ۾ ساٿ ڇڏيو وڃي. عرض ڪيو:**

اگر یَکْ سَر مُوئے بَرتَر پَرَم فَروغِ تجلّی بَسوزَد پَرَم

**يا رسولَ الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! **هتان کان هڪ قدم به اڳتي وڌيس ته انوار ۽ تجلين سان منهنجا پر سڙي ويندا. منهنجي بَس اها ئي انتهاء آهي.**

**اميرِ اهلسنت، حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادِري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه **پنهنجي نعتيه دِيوان "وسائلِ بخشش" ۾ هن جي منظر ڪشي ڪجهه هن طرح ڪن ٿا!**

جبریل ٹھہر کر سِدرہ پر بولے جو بڑھے ہم ایک قدم
جل جائیں گے سارے بال و پَر اب ہم تو یہیں رہ جاتے ہیں(1)

ڪنهن ٻي شاعر هن ڪي هيئن بيان ڪيو آهي!!!

نور نے تلووں کو سہلا کر جگایا خواب سے یُوں ہوئی سرکار کی مِعْراجِ جسمانی شروع
پہلے تو وہ ہمرکابِ سرورِ کونین تھا ہوگئی جبریل کی سِدرَہ سے حیرانی شروع

**هن کان اڳتي سرڪارِ ذي وقار، ٻنهي جهانن جا تاجدار** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جتي ويا، ان بابت مڪمل تفصيل گهرائڻ وارو رَبّ ڄاڻي يا وڃڻ وارو محبوب** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

کسے ملے گھاٹ کا کنارہ، کدھر سے گزرا، کہاں اُتارا
بھرا جو مثلِ نظر طرارا وہ اپنی آنکھوں سے خود چھپے تھے(2)

---

1...وسائل بخشش، صفحه:288.

2...حدائق بخشش، صفحه:235.

**شعر جو مفهوم**: يعني وَحدَت جي سمنڊ جو ڪو ڪنارو ئي نہ آهي، لھٰذا ڪير چا ٻڌائيندو تہ معراج وارا مصطفيٰ، سيدالانبيا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪٿان ڪان گذريا ۽ سُواري ڪٿي لاٿو، وڌيڪ اهو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بارگاهِ الٰهي ۾ پهچي درياءِ وَحدَت ۾ اهڙا محو ٿيا جو پنهنجي نگاهن کان بہ لڪي ويا هئا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڇا ڏنو، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڇا ورتو، الله پاڪ ڇا فرمايو، محبوب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڇا ٻُڌو، حبيب ۽ محبوب، طالِب ۽ مطلوب ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون راز و نياز جون ڳالهيون ٿيون، اهو بہ الله پاڪ ڄاڻي يا اُن جي ٻڌائڻ سان ان جو پيارو حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڄاڻي، قرآنِ ڪريم بہ اهو راز نہ کوليو بلڪ فرمايو ويو:

فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰىؕ(۱۰)

(پاره27،سورةالنجم:10)

ترجموڪنزالايمان: پوءِ وحي فرمايائين پنهنجي ٻانهي جي طرف جيڪو ڪجھ وحي فرمايائين

قَصرِ دَنیٰ کے راز میں، عقلیں تو گم ہیں جیسی ہیں
رُوحِ قُدُس سے پوچھئے! تم نے بھی کچھ سُنا کہ یُوں (1)

ها! ايتري خبر آهي جو اتي گنهگار اُمَّت جو بہ ذِڪر آيو هو ۽ اُمَّت کي ڏينهن رات مِعراج جي نعمت ماڻڻ، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ هر هر حاضِري ڏيڻ، ربّ جي بارگاهہ ۾ دِل جون حسرتون عرض ڪرڻ جي لاءِ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي 50 نمازن جو تحفو ڏنو، واپسي تي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جي عرض تي 5، 5 گهٽ ٿي صِرف 5 رهجي ويون.

---

1...حدائق بخشش، صفحه:93۔

پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي تہ نماز سفرِ معراج جو تمام پيارو تحفو آهي.

## اُمّتِ مصطفٰي سان موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جي همدردي

شهنشاھ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: الله پاڪ منهنجي اُمت تي 50 نمازون فرض ڪيون هيون. جڏهن مان مُوسيٰ (عَلَيْهِ السَّلام) وٽ موٽي آيس تہ مُوسيٰ (عَلَيْهِ السَّلام) پڇيو تہ الله پاڪ اوهان جي اُمَّت تي ڇا فَرض ڪيو آهي؟ مون انهن کي ٻڌايو تہ الله پاڪ مون تي 50 نمازون فرض ڪيون آهن. تنهن تي پاڻ عَلَيْهِ السَّلام چيو: پنهنجي ربّ وٽ موٽي وڃو، اوهان جي اُمَّت ايتري طاقت نٿي رکي. مان موٽي الله پاڪ وٽ ويس، انهن (يعني 50) مان ڪجھ حصو گهٽ ڪيو ويو. جڏهن ٻيهر مُوسيٰ (عَلَيْهِ السَّلام) وٽ موٽي آيس تہ انهن مون کي ٻيهر موٽايو. الله پاڪ فرمايو: ڇگّو 5 آهن ۽ پنجاھ 50 جي قائم مقام آهن ڇاڪاڻ تہ اسان جي قول ۾ تبديلي ناهي ٿيندي. مان مُوسيٰ (عَلَيْهِ السَّلام) وٽ موٽي آيس. اُنهن چيو: ٻيهر الله پاڪ وٽ موٽي وڃو. مون جواب ڏنو مون کي تہ پنهنجي ربّ سان شَرم محسوس ٿيڻ لڳو آهي. (ابن ماجه، كتاب اِقامَۃُ الصَّلاة، صفحه:226، حديث:1399)

حضرت سيدُنا اَنس رَضِیَ اللهُ عَنْه جن فرمايو: سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي معراج جي رات پنجاھ نمازون فرض ڪيون ويون، پوءِ گهٽ ڪيون ويون، ايستائين جو پنج رهجي ويون، پوءِ آواز ڏنو ويو: اي محبوب(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! اسان جي ڳالھ ناهي بدلجندي ۽ اوهانجي لاءِ ان پنج جي بدلي ۾ پنجاھ نمازن جو ثواب آهي. (ترمذی، ابواب الصلاۃ، صفحه:70، حديث:213ـ)

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! حضرت سيدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيْهِ السَّلام پنهنجي وفاتِ ظاهري جي اڍائي هزار سالن کان پوءِ اُمتِ مصطفٰي جي اها مدد فرمائي جو شبِ معراج ۾ پنجاھ نَمازن جي بدران پنج ڪرائي ڇڏيون. الله پاڪ کي خبر هئي تہ نمازون پنج رهنديون پر پنجاھ مقرر فرمائي ٻيهر ٻن(2) پيارن جي ذَريعي سان پنج مقرر ڪيون. هتي دلچسپ ڳالھ اها آهي تہ جيڪي ماڻهو

شيطان جي وَسوَسن ۾ اچي وفات ڪري وڃڻ وارن جي مدد ۽ تعاون جو انڪار ڪن ٿا اهي به 50 نه پنج نمازون ئي پڙهن ٿا، جڏهن ته پنج نمازن ڪي مقرر ڪرڻ ۾ يقيني طور تي غيرُالله (يعني الله ڪان علاوه) جي ۽ اها به انتقال ڪان پوءِ ڪئي ويندڙ مدد شامل آهي.

جنت میں نَرم نَرم بچھونوں کے تخت پر آرام سے بٹھائے گی اے بھائیو! نماز
دربارِ مصطفٰے میں تمہیں لے کے جائے گی خالق سے بخشوائے گی اے بھائیو! نماز
پڑھ کر نماز ساتھ لو سامانِ آخرت محشر میں کام آئے گی اے بھائیو! نماز

پيارا اسلامي ڀائرو! معراج جي رات الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان گناهگارن کي نه وساريو، ڪيتري پياري ڳالھ خليفه اعليٰ حضرت مداحُ الحبيب مولانا محمد جميل الرحمن رضوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ چئي آهي!

لو عاصیو! وہ تم کو وہاں پر بھی نہ بھولے
کاٹا گیا عصیاں کا سیاہا شبِ مِعْرَاج
اے مومنو! مُژدَہ کہ وہ اللہ سے لائے
بخشائش اُمَّت کا قبالہ شبِ مِعْرَاج
بھیجوں گا میں اُمَّت کو تِری خُلد میں پہلے
حق نے کیا محبوب سے وعدہ شبِ مِعْرَاج[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! انهي سَفَر ۾ اِمامُ الانبياء شَبِ اَسراء واري مصطفيٰ

1...قبالۂ بخشش، صفحه:126.

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنّت ۽ دوزخ جي بہ سَير فرمائي، جنّتي محلاّت ۽ باغات جو مُشَاهدو ڪيو ۽ دوزخ جا عذاب بہ مُلاحظ ڪيائون.[1] دُنيا ۾ اجا ڪجھ ئي منٽ گذريا هئا، بستر مُبَارَڪ ائين جو ائين گرم هو، دروازي جي ڪنڊي چُري رهي هئي ۽ اسان جي آقا ومولىٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ايترو ڊگهو سَفَر ڪري، ايترا مُشَاهدا ڪري واپس بہ موٽي آيا.

ہیں عرشِ بَریں پر جَلوہ فَگَن محبوبِ خُدا سُبْحٰنَ اللہ!
اِک بار ہُوا دِیدار جسے سَو بار کہا سُبْحٰنَ اللہ!
حیران ہوئے بَرْق اور نظر اِک آن ہے اور برسوں کا سفر
راکِب نے کہا اَللّٰہُ غَنی مَرکَب نے کہا سُبْحٰنَ اللہ!
طالِب کا پتہ مَطْلُوب کو ہے مَطْلُوب ہے طالِب سے واقِف
پَردے میں بُلا کر مِل بھی لئے پَردہ بھی رَہا سُبْحٰنَ اللہ!
ہے عَبْد کہاں معبود کہاں مِعْرَاج کی شب ہے رازِ نِہاں
دو نُور حِجابِ نُور میں تھے خود ربّ نے کہا سُبْحٰنَ اللہ!
جب سجدے کی آخری حدوں تک جا پہنچا عُبُوْدِیَّت والا
خالِق نے کہا مَاشَآءَاللّٰہ حضرت نے کہا سُبْحٰنَ اللہ!
سمجھے حامِدؔ اِنسان ہی کیا یہ راز ہیں حُسن و اُلْفَت کے
خالِق کا حَبِیْبِی کہنا تھا خَلقت نے کہا سُبْحٰنَ اللہ! [2]

---

1...مَوَاعِظِ نعيميه، صفحه:6-8.

2...بياض پاڪ، صفحه:33.

| | | | |
|---|---|---|---|
| اللہ کی عنایت | مرحبا | معراج کی عظمت | مرحبا |
| براق کی قسمت | مرحبا | براق کی سُرعَت | مرحبا |
| اقصیٰ کی شوکت | مرحبا | نبیوں کی امامت | مرحبا |
| آقا کی رِفعت | مرحبا | آسماں کی سیاحت | مرحبا |
| مکینِ لامکاں کی عظمت | مرحبا | چشمانِ نبوت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## غَير مُسلِم جو قبول اسلام

رِوايت آهي تہ سَفَرِ مِعراج تان واپسي کان پوءِ، ٻي ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جا تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گهران ٻاهر تشريف وٺي آيا تہ هڪ ٻانهيءَ کي ڏنائون جيڪا ڪلهي تي اٽي جو ٿيلهو کنيو، روئيندي وڃي رهي هئي، غمخَوار نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان اهو نہ ڏٺو ويو پاڻ ويجهو وڃي روئڻ جو سبب پڇيو، ويچاري غم جي ماريل روئندي چيو: مان فلاڻي غير مسلم جي ٻانهيءِ آهيان، منهنجي مالِڪ مون کي چَڪي تي اٽو پيسڻ جي لاءِ موڪليو، مان بيمار آهيان، پنڌ هلڻ ڏکيو آهي، ان ڪري مون کي دير ٿي وئي، هاڻي دِڄان ٿي تہ منهنجو مالِڪ مون کي تڪليف ڏيندو.

عرش تي وڃڻ واري آقا، رَبّ جو ديدار ڪرڻ واري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ان لاچار ٻانهيءَ جو غم نہ ڏٺو ويو، يڪدم اٽي جو ٿيلهو کڻي پنهنجي مُبَارَڪ ڪلهن تي رکي فرمايو: مون سان گڏ هل! مان تنهنجي سِفَارش ڪندس. سرڪارِ نامدار، مڪي تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان غير مسلم جي گهر پهتا، دروازو کڙڪايو، غير مسلم ٻاهر آيو تہ سَيدالمرسلين، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي دروازي تي ڏسي حيران ٿي ويو ۽ حيرت وچان چيائين: اي

مُحَمَّد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ)! اوهان کي ڪڏهن هن پاڙي ۾ ناهي ڏٺو، اَڄ اوهان هتي ڪيئن تشريف فرما ٿيا آهيو؟ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻانهيءَ جي سفَارِش ڪئي پر اهو غير مُسلِم ڪنهن ٻي سوچ ۾ گم هو، يڪدم چيائين: اي مُحَمَّد(صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) رات اوهان کي مِعراج ٿي آهي؟ فرمايائون: ها! بلڪل ٿي آهي. ايترو ٻڌي غير مسلم ٻنا ڪجهه ڳالهائڻ جي اندر هليو ويو، ڪجهه دير کان پوءِ واپس آيو ته تورَات شريف يا انجيلِ مُقَدس سندس هٿ ۾ هو، ان جلدي سان آسماني ڪتاب جو هڪ مقام کولي چيو: هيءُ ڏسو! هتي نبي آخرُالزّمان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نشَانِي اها لکيل آهي ته جنهن رات انهن کي مِعراج ٿيندي، ان رات جي صبح جو هو هڪ ٻانهيءَ جي اٽي جو ٿيلهو پنهنجي ڪلهن تي کڻي هڪ غير مسلم وٽ ايندو. اهو چئي ان غير مسلم ڪلمو پڙهيو ۽ انهيءَ وقت اسلام جي دائري ۾ داخِل ٿي ويو. (معارج نبوت، جلد:2، صفحه:565خلاصةً)

عرش پہ تازہ چھیڑ چھاڑ، فرش پہ طرفہ دھوم دھام
کان جدھر لگائیے، تیری ہی داستان ہے (1)

| | | | |
|---|---|---|---|
| اللہ کی عنایت | مرحبا | معراج کی عظمت | مرحبا |
| اقصیٰ کی شوکت | مرحبا | نبیوں کی امامت | مرحبا |
| آقا کی رِفعت | مرحبا | آسماں کی سیاحت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پادري مِعراج جي شاهدي ڏني

اِمام جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: هجرتِ مدينہ کان پوءِ

1...حدائق بخشش، صفحه:178-

جڏهن سرڪارِ عالي وقار، مدني تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مختلف بادشاهن کي خط لکي اسلام قبول ڪرڻ جي دَعوَت ڏني ته هڪ خط هِرَقل بادشاهه ڏانهن به موڪليو، هِرَقل انجيل مقدس ۾ نبي آخِرُ الزّمان صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا وصف پڙهيا هئا، جڏهن ان کي خط مليو ته ان تحقيق ڪرڻ چاهي ته ڏسون هي اهو ئي نبي آهي جن جو ذِڪر انجيل ۾ آيل آهي يا ڪو ٻيو آهي. پوءِ ان ڪجهه پوليس اَهلڪارن کي چيو: بازار وڃو ۽ عرب مان ايندڙ ڪنهن واپاري کي ڳولي وٺي اچو! پوليس اَهلڪار بازار پهتا، اِتّفاق سان انهن کي حضرت ابوسفيان رَضِیَ اللهُ عَنۡه ملي ويو.

حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللهُ عَنۡه جنّتي صحابي حضرت امير مُعَاوِيه رَضِیَ اللهُ عَنۡه جو والِدِ محترم آهي، سندن هڪ نياڻي ”اُم المؤمنين حضرت اُمّ حبيبه رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نِڪاح ۾ هئي، بيشَڪ حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللهُ عَنۡه پاڻ به جنّتي صَحابي آهن، پر اُن وقت پاڻ اسلام قبول نه ڪيو هو، ان فتح مڪ واري رات اِيمان آندو هو، ان کان پهريان سندن شمار اِسلام جي سخت ترين دُشمنن ۾ هو، پوءِ پوليس اَهلڪار کين کي هِرَقل بادشاهه جي دربار ۾ وٺي آيا، هاڻي بادشاهه حضرت ابوسفيان رَضِیَ اللهُ عَنۡه کان رَسُولِ خُدا، اَحمَد مجتبيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي باري ۾ ڪجهه سوال ڪيا، حضرت ابوسفيان رَضِیَ اللهُ عَنۡه ان وقت تائين مسلمان نه ٿيا هئا، ان ڪري چاهيو ته ڪهڙي نموني بادشاهه جي نظرن ۾ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مَعَاذ الله! عِزَّت گهٽائي وڃي پر ڪوڙ به ڳالهائي نٿي سگهيا جو بادشاهه جي اڳيان ڪوڙ ڳالهائڻ سان جان خطري ۾ پئجي سگهي ٿي، ان ڪري ان بادشاهه جي سمورن سُوالن جا صحيح جواب ڏنا. حضرت ابوسفيان رَضِیَ اللهُ عَنۡه جي زباني پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا وصف ٻڌي بادشاهه کي يقين ٿي ويو ته هي اهي ئي نبي آهن، جن جي آمد جي خوشخبري حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ڏني هئي، حضرت ابوسفيان اجان به سوچي رهيو هو ته آخر ڪهڙي طرح بادشاهه جي نظر ۾ مُحَمَّد (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي عِزَّت گهٽائي وڃي (مَعَاذَ الله)، پوءِ اوچتو ان کي مِعراج جو واقعو ياد آيو،

چيائين: اي بادشاهه! هڪ ڳالهه آهي، ان کي ٻڌندي ئي اوهان کي خبر پئجي ويندي تہ مُحَمَّد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ معاذ الله!) ڪوڙا آهن. بادشاهه چيو: ٻڌاءِ! اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ چيائين: مُحَمَّد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ) جو چوڻ آهي تہ هو هڪ ڏينهن رات جي وقت مڪہ مڪرمہ کان هليا ۽ مسجدِ اَقصيٰ پهتا، پوءِ انهيءَ رات صبح ٿيڻ کان پهريان پهريان مسجدِ اَقصيٰ کان واپس مڪہ مڪرمہ بہ پهچي ويا. بَس ايترو ٻڌڻ هو جو بادشاهه ويجهو وينل هڪ پادري چيو: بادشاهه سلامت! مان ان رات جي باري ۾ ڄاڻان ٿو.

بادشاهه پادري تي هڪ تِکي نگاهه وجهي حيرت مان پڇيو: توهان هن باري ۾ ڇا ٿا ڄاڻو؟ پادري چيو: عاليجاهه! منهنجو مَعمُول آهي، مان هر رَات جو مسجدِ اَقصيٰ جا دروازا بند ڪري سمهندو آهيان ، هڪ ڏينهن جڏهن مان دروازا بند ڪري رهيو هئس، هڪ دروازو سڄو زَور لڳائڻ جي باوُجود بہ خبر ناهي ڇو بند نہ پئي ٿيو، مون مسجد ۾ مَوجُود ماڻهن کي مدد جي لاءِ گهرايو، پوءِ اسان سڀني گڏجي زور لڳايو پر اهو دروازو هو يا جبل، اسان سڀني جي سَڄي ڪوشش جي باوُجود بند ٿيڻ تہ رهيو پري پر ان دروازي معمولي حرڪت بہ نہ ڪئي، آخر اسان واڍي کي گهرايو، ان بہ پنهنجي پُوري ڪوشش ڪئي پر دروازو پنهنجي هنڌان بلڪل بہ چُري نہ سگهيو، ٿڪجي اسان دروازو ائين کليل ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي پنهنجي گهر هليا وياسين، صبح جڏهن مان مسجد پهتس تہ وڏي حيراني ٿي تہ رات جو دروازو بلڪل بہ نہ چري رهيو هو، هاڻي آساني سان کلي بہ رهيو هو ۽ بند بہ ٿي رهيو هو، هڪ ٻي عجيب ڳالهه اها جو دروازي سان گڏ هڪ پٿر ۾ سُوراخ بہ هو ۽ اتي جانور جي رَسّي ٻڌڻ جا نشان بہ مَوجُود هئا، مون ڪجهه آسماني ڪتابن ۾ پڙهيو هو تہ الله پاڪ جا آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ هڪ رات مَسجدِ اَقصيٰ ۾ تشريف وٺي ايندا ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلام جي اِمامت ڪرائيندا، دروازي جو حيرت انگيز معاملو، پٿر ۾ سُوراخ ۽ اتي رَسّي جا نشان ڏسي مان سمجهي ويس تہ ضرور رات اهو دروازو قُدرت اُن نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ ئي جي لاءِ کليل رکيو هو، يقيناً رات هو مسجدِ اقصيٰ ۾ تشريف

فرما ٿيا آهن ۽ هتي نماز ادا فرمائي اٿن، مون اها ڳالهه پنهنجي ساٿين کي به ٻڌائي، لِهٰذا اَبُو سفيان جنهن ڳالهه کي ڪوڙ چئي رهيو آهي، مان ۽ جيڪي مون سان گڏ هئا اهي هن ڳالهه جي سچائي جا شاهد آهن.[1]

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو ته اسان جي آقا ۽ موليٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سَفَرِ مِعَراج جو ذِڪر اڳوڻن آسماني ڪتابن ۾ به تفصيل سان ڪيو ويو هو ۽ مَاشَآءَالله! ماهِ نبوت، شهنشاهِ صَدَاقت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو صداقت ڀريو شان ڏسو! پنهنجا ته پنهنجا پَراوا به پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سَچّي هئڻ جي شاهدي ڏئي رهيا آهن. سُبۡحٰنَ الله!

| | | | |
|---|---|---|---|
| الله کی عنایت | مرحبا | معراج کی عظمت | مرحبا |
| آقا کی رِفعت | مرحبا | آسماں کی سیاحت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مِعرَاج ڇا آهي؟

مِعرَاج، مصطفيٰ جانِ رَحمَت، شَمعِ بَزمِ هدَايت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هڪ سَفَر آهي بلڪ قرآنِ ڪريم مڪي شريف کان مَسجِدِ اَقصيٰ تائين وڃڻ کي سَير فرمايو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِهٖ لَیۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ اِلَی الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا
(پ 15:بني اسرائيل: 1)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پاڪائي آهي ان کي جيڪو پنهنجي ٻانهي کي راتو رات وٺي ويو مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين.

هن آيت ۾ لفظ " اَسۡرٰي " استعمال ٿيو آهي جيڪو "سَير" مان نڪتو آهي.

---

1...خصائص ڪبرى، جلد:1، صفحه:280-282خلاصةً۔

الله اڪبر! جڏهن سَيِّر جو عالَم اهو آهي تہ تيز رَفتاري سان سَفَر جو عالَم ڇا هوندو؟ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا:

شانِ خدا! نہ ساتھ دے، ان کے خرام کا وہ باز
سِدرہ سے تا زمیں جسے نَرم سی اِک اُڑان ہے

**شعر جو مفهوم:** نُرم نرم قدمن سان، ناز وانداز سان هلڻ کي خرام چوندا آهن، سيدي اعليٰ حضرت فرمائي رهيا آهن: مِعراج جي رات سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تہ خِرَام فرمائي رهيا هئا، نرم نرم قدمن سان ناز ۽ انداز سان جيئن گهوٽ هلندو آهي، اهڙي طرح هلي رهيا هئا پر خُدا جو شان ڏسو! ان جي باوُجُود اهو شهباز يعني حضرت جبريل عَلَیۡہِ السَّلَام جيڪو گهڙي ڪن جي معمولي اُڏام ۾ سِدرَہ کان زمين تي، زمين کان سِدرَہ تي پهچي ويندا آهن، جن جي پنهنجي اُڏام اهڙي ڪمال جي آهي، اهو مصطفيٰ جانِ رَحمت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هلڻ جو ساٿ نہ ڏئي سگهيو، جيڪڏهن حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي نوراني ۽ نَبوِي پرواز فرمائن ها تہ پوءِ رفتار جو عالَم ڇا هجي ها؟

| | | | |
|---|---|---|---|
| اللہ کی عنایت | مرحبا | معراج کی عظمت | مرحبا |
| براق کی قسمت | مرحبا | براق کی سُرعَت | مرحبا |
| اقصیٰ کی شوکت | مرحبا | نبیوں کی امامت | مرحبا |
| آقا کی رِفعت | مرحبا | آسماں کی سیاحت | مرحبا |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! مِعۡرَاج شريف کي عام طور معجزو چيو ويندو آهي، بلڪل اهو عظيمُ الشَّان ۽ عقل کي حيرت ۾ وجهندڙ معجزو آهي پر حقيقت اها آهي

جو مِعۡرَاج شريف صِرف هڪ معجزو نہ آهي بلڪ ڪيئي معجزن جو مجموعو آهي. اچو! مِعرَاجِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۾ پيش ايندڙ ڪجهہ معجزا ٻڌي دِل ۾ عشقِ مصطفيٰ وڌائڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا.

## (1-2): وَقت ۽ فاصلي جو گهٽجي وڃڻ

مِعۡرَاج واري واقعي جي ضِمن ۾ عالم سڳورا ٻہ لفظ اِستعمال ڪن ٿا: (۱): **طَيِّ زمان** ۽ (۲): **طَيِّ مڪان. طَيِّ زمان** جي معني آهي: ڪيئي سالن جي عرصي جو ڪجهہ لمحن ۾ گهٽجي وڃڻ ۽ **طَي مڪان** جي معنٰي آهي: ڪيئي ڪلوميٽر جي فاصلو جو گهٽجي بلڪل گهٽ ٿي وڃڻ.

امير المؤمنين، مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي ڪرامت وڏي مشهور آهي تہ پاڻ گهوڙي تي سُوار ٿيڻ وقت هڪ رڪاب ۾ پير رکندا هئا تہ سُوره فاتحہ کان قرآنِ ڪريم جي تِلاوت شروع ڪندا هئا ۽ گهوڙي جي مٿان سُوار ٿي ٻي رڪاب ۾ پير رکڻ تائين سوره وَالنَّاس تائين سڄو قرآنِ ڪريم تِلاوت ڪري وٺندا هئا.[1] جڏهن تہ عَام حالتن ۾ هڪ حافِظ مَخَارِج جو خيال رکي قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪري تہ سڄو قرآنِ ڪريم مڪمل پڙهڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 کان 12 ڪلاڪ لڳن ٿا پر امير المؤمنين حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو اهو شان آهي جو 10 کان 12 ڪلاڪن جو ڪم ڪجهہ سيڪنڊن ۾ ڪري وٺندا هئا، اهو طَي زمان (يعني وقت گهٽجڻ) جو مثال آهي.

اهڙي طرح قرآنِ ڪريم ۾ ملڪہ بلقيس جي تخت جو واقعو بيان ٿيو تہ ملڪہ بلقيس الله پاڪ جي نبي حضرت سليمان عَلَیۡہِ السَّلَام جي خِدمت ۾ حاضِري جي لاءِ مُلڪ سَبَاء کان هلي، حضرت سليمان عَلَیۡہِ السَّلَام کي ان جي خبر ملي تہ پنهنجي دربارين کي فرمايائون:

---

1...شواہد نبوة، صفحه:280.

يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِيْ بِعَرْشِهَا
(پارہ19،سورۃالنمل:38)

ترجمہ كنز الايمان: سليمان فرمايو: توهان ۾ ڪير آهي جيڪو ان جو تخت مون وٽ ڪڻي اچي؟

حضرتِ آصَف بن برخيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪو حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جو وزير هو، اهو اِسمِ اعظم ڄاڻندو هو، ان عرض ڪيو:

اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ
(پارہ19،سورۃالنمل:40)

ترجمو كنز الايمان: مان ان کي حاضر ڪندس حضور ۾ اک ڇنڀ کان اڳ.

پوءِ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام اکيون بند ڪري کوليون تہ تخت سامهون موجود هو، سوين ميل پري کان اک ڇنڀ ۾ ملڪہ بلقيس جو وزني تخت ڪڻي حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي خِدمت ۾ پيش ڪرڻ، اهو طَي مڪان (يعني فاصلو گهٽجڻ) جو مثال آهي.

سَفَرِ مِعرَاج شريف ۾ سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان انهن ٻنهي معجزات يعني طَي زمان (وقت جي گهٽجڻ) ۽ طَي مڪان (فاصلي جي گهٽجڻ) جو ظُهور ٿيو. اندازو ڪريو! سائنسي تحقيق جي مُطابِق ان وَقت تائين ڪائنات ۾ سڀ کان تيز رفتار شيءِ ”روشني“ آهي. روشني هڪ سيڪنڊ ۾ 3 لک ڪلوميٽر جو فاصلو طَي ڪري ٿي ۽ سج جي روشني کي زمين تائين پهچڻ ۾ 8.3 منٽ لڳن ٿا، يعني سج کان زمين تائين 14 ڪروڙ 94 لک ڪلوميٽر جو فاصلو آهي، پوءِ سج اجا پهرين آسمان کان بہ هيٺ آهي، سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: زمين کان سِدرةُ المنتهيٰ جو فاصلو 50 هزار سال جي راهہ آهي، ان کان اڳيان مُسۡتَويٰ، ان کان بعد کي الله پاڪ ڄاڻي، ان کان اڳتي عرش جا 70 حجابات آهن، هر حجاب کان ٻي حجاب تائين 500 سال جو فاصلو آهي،[1]

1...ملفوظات اعلی حضرت، صفحہ:439۔

اهو ڪُل ملائي 35 هزار سالن جو فاصلو ٿيو، 35 هزار سال جي اها راهہ 50 هزار سال جو رستو زمين کان سِدْرَۃُ المنتھيٰ تائين، 35 ۽ 50=85 هزار سال جو فاصلو ٿيو، پوءِ سِدْرَۃُ المنتھيٰ کان عرش جي حجابات تائين ڪيترو فاصلو ٿيو اهو ڪير نٿو ڄاڻي، ۽ حُضُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عرش کان اڳتي ڪيستائين تشريف وٺي ويا، ان کان بہ ڪو واقف ناهي، مطلب تہ مِعراج واري مصطفيٰ، سرورِ انبياء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ايترا هزار سال پري ويا بہ، واپس بہ تشريف ڪٺي آيا ۽ وقت اجا ڪيترو گذريو هو؟ ڪجھ سيڪنڊ، بستر مُبَارَڪ بہ اجا گرم هو، دروازي جي ڪنڊي بہ اجا چُري رهي هئي.

تفصیل سے کی سیر مگر اِس پہ یہ طُرّہ
اِک پل میں یہ طے ہو گیا رستہ شبِ مِعْرَاج
زنجیر درِ پاک کی ہِلتی ہوئی پائی
اور گرم تھا وہ بستر شبِ مِعْرَاج (1)

هڪ شاعِر هتي نهايت خوب صُورت ڳالهہ چئي آهي، لکن ٿا:

رُک گئی ہے آج نبضِ جہاں
اُن کی ہستی نکل گئی ہو گی

**شعر جو مفهوم:** اَصل ڳالھ اها آهي تہ اسان جي آقا ومولىٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪائنات جا رُوح آهن، رُوح نڪري وڃي تہ جسم رُڪجي ويندو آهي، اهڙي طرح جڏهن رُوحِ ڪائنات، فَخرِ مَوجُودات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڪائنات مان نڪري لامڪان ڏانهن تشريف کڻي ويا تہ ڪائنات رُڪجي وئي، هر شيءِ تي سڪتو طاري ٿي ويو، پوءِ جڏهن رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ واپس تشريف وٺي آيا تہ ڪائنات ٻيهر زِنده ٿي

1...قبالۂ بخشش، صفحه:126۔

وئي ۽ هر شيءِ ٻيهر ڇُرپُر ڪرڻ لڳي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مِعراج شريف بابت وَسوَسي جو علاج

**شيخ شهاب الدين سهروردي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا: شيخ ابنِ سڪينه** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جو** هڪ مُريد هو، ان جو ڪم هي هو ته هو صوفياءِ ڪرام جا مُصَلا ڪٽي وجي جامع مسجد ۾ وڇائيندو هو، جڏهن نمازِ جمعه ٿي ويندي هئي ته انهن مُصَلّن کي هو خانقاهه ۾ ڪٽي ايندو هو. ان مُريد صاحب کي سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي سفرِ معراج شريف بابت وسوسا ايندا هئا. هڪ ڀيري جمعي جو ڏينهن هو، نمازِ جمعه کان پوءِ ان جي گهر ڪجهه مهمانن کي اچڻو هو، ان ڪري هُن مهمانن جي کائڻ جي لاءِ بازار مان مڇي خريد ڪئي، گهر واري کي ڏئي پَچائڻ جو چيائين، پاڻ صُوفي سڳورن جا مُصَلّا ڪٽي جامع مسجد ڏانهن هلڻ لڳو، واٽ ۾ درياءِ دجله جي ويجهو کان گذرڻ ٿيو، سوچيائين اجا ڪافي وقت آهي، ڇو نه غسل ڪيو وڃي، ڪپڙا لاهي ڪناري تي رکي پاڻي ۾ ٽٻي لڳائي، مٿو ڪنيائين ته عجيب منظر هو جو اتي نه دجله آهي، نه ڪپڙا آهن، اها جڳهه ڪا ٻي ئي هئي، پردي جو اهتمام ڪري دريا مان ٻاهر نڪتو، ماڻهن کان پڇا ڪيائين: هي ڪهڙي جڳهه آهي؟ جواب مليو: هيءَ مصر آهي. گهڻو تعجب ۾ پئجي ويو، ته ٽٻي لڳائي هئي بغداد ۾، نڪتو آهيان مِصر مان. خير! آبادي ڏانهن ويو، هڪ سُوناري (سون *Gold* جو ڪم ڪرڻ واري) جي دُڪان تي پهتو، پاڻ به سُونارو هو، ان ڪري سُوناري سان واقفيت ڪئي، پوءِ ان دُڪان تي ڪم ڪرڻ لڳو، دُڪان جي مالِڪ ڪجهه عرصي کان پوءِ پنهنجي نياڻي جي شادِي ان سان ڪري ڇڏي، اهو شخص مِصر ۾ 7 سال رهيو، ان دوران 3 ٻار به ٿيا، 7 سال کان پوءِ هڪ ڏينهن وهنجڻ جي ارادي سان ڪنهن تلاءَ ۾ ٽٻي هڻي مٿو ڪنيو ته پاڻ کي درياءِ دجله ۾ انهيءَ هنڌ ڏٺائين جتي 7 سال پهريان وهنجڻ جي لاءِ ٽٻي ڏني هئي، ڪپڙا به اتي رکيل آهن، صُوفي سڳورن

جا مُصَلّا بہ موجود آهن، تمام گھڻو تعجب ٿيو تہ آخر اهو ماجرو ڇا آهي؟ جلدي مان ڪپڙا پائي، مصلا کڻي، جامع مسجد پهتو، نمازِ جمعہ ادا ڪري، گهر پهتو، ڏٺائين تہ زوجہ محترمہ مڇي پچائي چڪيون آهن، ڪجھ ئي دير ۾ دوست بہ اچي ويا، في الحال تہ هي خاموش رهيو، دوستن سان گڏ دعوت ۾ شريڪ ٿيو، فارغ ٿي پنهنجي پِير صاحب شيخ ابنِ سڪينہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خِدمت ۾ حاضِر ٿي سڄو واقعو عرض ڪيائين: پِير صاحب فرمايو: ڇا توهان جي دِل ۾ ڪو وسوسو ايندو هو؟ چيائين: جي ها! مون ڪي معراج جي باري ۾ وسوسو ايندو هو تہ ايترو ڊگهو سَفَر ايتري گهٽ وقت ۾ حُضُورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيئن طَئي ڪري ورتو؟ شيخ اِبنِ سڪينہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن فرمايو: اها تو تي الله پاڪ جي مهرباني آهي تہ اُن توهان جي وَسوسي کي پري ڪري ڇڏيو ۽ توهان جي ايمان جي حفاظت فرمائي، هاڻي وڃ! مِصر مان پنهنجي ٻارن ٻچن کي وٺي اچ![1]

پيارا اسلامي ڀائرو! شيخ اِبنِ سڪينہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو هو مُريد نيڪ شخص هو، صُوفي سڳورن جي خِدمت ڪندو هو، ان کي پِيرِ ڪامِل جو فيضان نصيب ٿيو، مِعۡرَاجِ مصطفيٰ جي حوالي سان ان کي جيڪي وسوسا ايندا هئا، الله پاڪ پنهنجي ڪرم سان پنهنجي قُدرت جي نشاني ڏيکاري ان جي وسوسن جي ڪاٽ فرمائي ۽ ان کي گمراهي کان بچائي ورتو، نہ تہ خبر ناهي ڪوڙ ماڻهو ان طرح جي وسوسن جو شِڪار ٿي گمراھ ٿي ويندا آهن. اڄڪلھ اهو ”ايمان برباد ڪندڙ“ مرض بہ ڏينهو ڏينهن وڌي رهيو آهي، ڪوڙ ماڻهن جي عادَت هوندي آهي تہ انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي معجزن ۽ اولياءِ ڪرام جي ڪرامتن کي عقل سان توريندا آهن، جڏهن انهن جو عقل ڪم ناهي ڪندو تہ معجزن ۽ ڪرامتنجي باري اُبتيون سُبتيون تاويلون ڪندا آهن، يا مَعَاذَ الله! بلڪل ان جو اِنڪار ئي ڪري ڇڏيندا آهن. الله پاڪ جي پناھ! الله پاڪ جي پناھ...! شيخِ طريقت، امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ فتاويٰ رضويہ شريف جي حوالي

1...تحفۂ معراج النبی، صفحہ:128.

سان فرمائن ٿا: معجزات کي مطلقاً غلط ٻڌائڻ وارو ڪافِر آهي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، صفحہ:244)

اللہ پاڪ اسان کي اهڙي اُبتي عقل کان بچائي ۽ اهڙن ماڻهن کان بہ پنهنجي پناهہ ۾ رکي. انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلام جو معجزو هجي يا اولياءِ ڪرام جي ڪرامت، اهي ٻئي ئي اللہ پاڪ جي قُدرت جون نشانيون آهن جيڪي اللہ پاڪ جي حڪم سان، ان جي ٻانهن جي ذريعي ظاهر ٿينديون آهن ۽ اللہ پاڪ هر شيءِ تي قادِر آهي، لہٰذا اللہ پاڪ ئي جي ڏنل طاقت سان انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلام کان معجزات بہ ظاهر ٿيندا آهن ۽ اولياءِ ڪرام کان ڪرامتن جو بہ ظُهور ٿيندو آهي، اسان جو ڪم انهن تي يقين رکڻ، اکيون بَند ڪري ايمان آڻڻ آهي، اها ئي اَصل عقل مندي آهي.

ایماں پہ ربِّ رحمت، دیدے تُو استقامت
دیتا ہوں واسطہ میں تجھ کو تیرے نبی کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شَبِ مِعراج جَنّت ۽ جهنّم جا مُشَاهدا

سفرِ مِعْرَاج شريف جو هڪ وڏو حِصو آهي: پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مُشَاهدا. شَبِ اَسراء واري مصطفيٰ، امامُ الانبيا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مِعْرَاج جي رات جنّت جو سير فرمايو، اتي جا محلّات ۽ باغات مُلاحظہ فرمايا، اهڙي طرح جهنّم کي بہ مُلاحظہ فرمايو ۽ اتي گنهگارن کي ٿيندڙ عذاب بہ ڏٺا. مطلب تہ جيڪي واقعا قيامت کان پوءِ ٿيڻ وارا هئا، اهي انهيءَ رات اکين سان، عين بيداري ۾ مُلَاحَظہ فرمايا. جيئن حديثن ۾ آهي: ❖ مِعْرَاج جي رات نبين جي سالار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهنّم ۾ مُردار کائڻ وارا ماڻهو ڏٺا، جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلام عرض ڪيو: حُضُور! هي اهي آهن جيڪي ماڻهن

جو گوشت کائيندا (يعني غيبت کندا) هئا. (مسند امام احمد، جلد:2، صفحه:144، حديث:2366) ❖کجھ اهڙين عورتن ۽ مَردن کي ڏٺو جيکي پنهنجي ڇاتي سان لٽکي رهيا هئا، جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلام عرض ڪيو: عيب لڳائڻ وارا ۽ پر پُٺ بُرائي ڪرڻ وارا آهن. (شعب الايمان، صفحه:309، حديث:6750) ❖کجھ اهڙا ماڻهو بہ ڏٺائون جيڪي باھ جي ٽارين سان لٽڪيل هئا، عرض ڪيو ويو: هي اهي آهن جيڪي دنيا ۾ پنهنجي والدين کي گاريون ڏيندا هئا. (الزواجر، جلد:2، صفحه:125) ❖کجھ ماڻهو ڏٺا، جن جا پيٽ گهرن جيان وڏا وڏا هئا ۽ ان ۾ نانگ هئا، جيڪي ٻاهر کان نظر اچي رهيا هئا، عرض ڪيو ويو: حُضُور! هي وياج کائڻ وارا آهن. (ابن ماجه، کتاب: تجارات، صفحه:363، حديث:2273ملتقطًا) ❖ کجھ اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا جن جا چپ اُٺ جي چپن جيان (وڏا وڏا) هئا، ان تي کجھ ماڻهو مقرر هئا، جيڪي انهن جا چپ پڪڙي باھ جا وڏا وڏا پٿر انهن جي واتن ۾ وجهي رهيا هئا، ٻڌايو ويو: حُضُور! اهي ناحق يتيمن جو مال کائڻ وارا آهن. (الشريعۃ للآجرى، جلد:3، صفحه:1532، حديث :1027ملتقطًا) ❖ جهنّم ۾ کجھ اهڙا ماڻهو هئا جيڪي چوپاين (يعني ٻڪري، مينهن، ڳئون وغيره جانورن) جيان چرندي ڪنڊيدار گاھ، جهنّم جو ٿوهڙ ۽ جهنّم جا تپيل (گرم) پٿر ڳيهي رهيا هئا، عرض ڪيو ويو: هي اهي آهن جيڪي پنهنجي مال جي زڪوٰة نہ ڏيندا ها. (الترغيب والترهيب، کتاب:صدقات، صفحه:263، حديث:15)

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰه اَسْتَغْفِرُ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! اسان کي ڊڄڻ گهرجي! هاءِ! غيبت ڪرڻ، مسلمان ڀاءُ جي پَرپُٺ بُرائيون ڪرڻ، بُرو ڀلو چوڻ، عيب لڳائڻ، الزام تراشيون ڪرڻ، والدين کي ستائڻ، انهن جي سامهون زبان درازي ڪرڻ، وياجي ڪاروبار يا وياج ڏيڻ وٺڻ، زڪوٰة نہ ڏيڻ، يتيمن جو مال ناحق ڦٻائڻ، وراثت تقسيم ڪرڻ

۾ خيانت ڪرڻ، ڀيڻ ڀائرن کي وِراثت کان محروم ڪرڻ، هي اهي گُناهَ آهن جيڪي هاڻي مُعَاشَري ۾ عام ٿي چڪا آهن، افسوس! اهو ڪمزور جسم ۽ جهنّم جا اهڙا هولناڪ عذاب...! اسان مان ڪير آهي جيڪو اهي عذاب برداشت ڪري سگهي ٿو؟ پر اَفسوس! اها سڀ خبر هوندي به اسان گُنَاهن کان پاسو نٿا ڪيون.

ٿورو تَصَوُّر ته ڪريو! خدانخواسته جيڪڏهن اسان جي گُنَاهن تي قيامت جي ڏينهن گرفت ڪئي وئي، افسوس! جيڪڏهن جهنّم جي اهڙن خوفناڪ عذابن ۾ مبتلا ڪيو ويو ته اسان جو ڇا ٿيندو...؟؟

ڈنک مچھر کا سہا جاتا نہیں کیسے میں پھر قبر میں بچھو کے ڈنک آہ سہوں گا یاربّ!
گر کفن پھاڑ کے، سانپوں نے جمایا قبضہ ہائے بربادی! کہاں جا کے چُھپوں گا یارَبّ!
گر تُو ناراض ہوا، میری ہلاکت ہو گی ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارَبّ!
دَرْدِ سَر ہو یا بُخار آئے، تڑپ جاتا ہوں میں جہنّم کی سَزا کیسے سَہُوں گا یارَبّ! (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄا به اسان وٽ موقعو آهي، بنا دير ڪرڻ جي، هٿو هٿ گُنَاهن کان توبه ڪرڻ ۽ نيڪين ڏانهن راغِب ٿيڻ ئي سنو آهي، اڄ سڀاڻي، اڄ سڀاڻي ڪندي ڪندي ڪٿي دير نه ٿي وڃي، خدانخواسته گُنَاهَ ڪندي ڪندي ئي جيڪڏهن موت جو ملائڪ اچي ويو ۽ تَوبه کان پهريان ئي رُوح قبض ڪيو ويو ته پوءِ ڪجهه نه ٿي سگهندو. الله پاڪ اسان سڀني کي سچي توبه ڪرڻ، گُنَاهن کان بچڻ ۽ استقامت سان نيڪين ڀري زِندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي، اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

کر لے توبہ رب کی رَحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی (1)

---

1...وسائل بخشش، صفحه:84-85.

مِعّراج جي رات آقاءِ نامدار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنّت جا حَسِين محل، اتي جا خوبصُورت، سرسبز باغات بہ مُلاحَظہ فرمايا، جيئن حديثن ۾ آهي: مِعّراج جي رات رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عرش جي نور ۾ لڪيل هڪ شَخص ڏٺو، ٻڌايو ويو: هي اهو آهي جنهن جي زبان هر وقت ذِڪرِ الٰهي سان تَر رهندي هئي، ان جي دِل مسجد ۾ لڳل رهندي هئي، اهو ڪڏهن بہ پنهنجي والدين جي لاءِ شرمندگي ۽ بُرائي جو سبب نہ بڻيو. (موسوعۃ امام ابن ابی الدنيا، کتاب:اولياء، جلد:2، صفحه:415، حديث:95ملتقطًا) ڪجھ ماڻهو ڏٺا، جيڪي هڪ ڏينهن فصل پوکيندا هئا، بعد واري ڏينهن فصل لڻندا ها، جيئن ئي فصل لڻندا ها، فصل پهريان جيان وري ٿي ويندو هو، جبريل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اهي راهہ خُدا ۾ جهاد ڪرڻ وارا آهن. (مجمع الزوائد، کتاب الايمان، باب منه فی الاسراء، جلد:1، صفحه:91، حديث:235ملتقطًا) حضرت جابِر رَضِیَ اللهُ عَنْه کان رِوَايت آهي، رسولن جي سردار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مان جنّت ۾ ويس تہ مون اَبُو طلحہ جي گهرواري رُميصا (يعني حضرت انس بِن مالِڪ رَضِیَ اللهُ عَنْه جي والِده، حضرت اُمّ سُلَيم) وٽ پهتس ۽ مون هڪ آواز ٻڌو تہ پڇا ڪئي: اهو ڪير آهي؟ ٻڌايو ويو: هي بلال آهن. مون هڪ محل ڏٺو، ان جي صحن ۾ هڪ بي بي هئي، مون پڇا ڪئي: اهو ڪنهن جو آهي؟ ٻڌايو ويو: اهو محل عمر بن خطاب جو آهي. (بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب عمر بن خطاب، صفحه:933، حديث:3679)

## (3): سفرُ الوقت (Time Traveling)

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان نبين جي نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جنّت ۽ جهنّم جي مُشَاهدن بابت ڪجھ روايتون ٻڌيون، اچو! هاڻي اسان انهن روايتن تي هڪ ٻي زاويي سان غور ڪيون ٿا. موجوده سائنس ۾ هڪ نظريو موجود آهي جنهن کي سَفَرُ الْوَقْت (*Time Traveling*) چيو ويندو آهي. سَفَرُ الوَقت جو مَطلب آهي ٽائِم کي جَمپ ڪرڻ مثال طور هينئر سِن 2021 آهي تہ مستقبل ڏانهن جمپ ڪري يڪدم 2025 ۾ پهچي وڃڻ يا ماضِي ڏانهن جمپ ڪري 2015

1...وسائل بخشش، صفحه:712۔

۾ پهچي وڃڻ کي سَفَرُ الوَقت چيو ويندو. ڪم وبيش گذريل 3 صدين کان سائنس دان هن تي تحقيقات ڪري رهيا آهن، 1971ء کان وٺي هينئر تائين ان تي مختلف تجربا ڪيا ويا آهن بلڪ يورپ ۾ ته ”ٽائم مشين“ جي نالي سان هن موضوع تي هڪ ڪتاب به لکيو ويو آهي. البته اهو هڪ مَفرُوضو آهي، اڃا تائين سائنسدانن کي هن مُعَامَلي ۾ ڪا به ڪاميابي ناهي ملي سگهي.

هاڻي شَبِ مَعْرَاج جي مُشَاهدن تي غور ڪريو! مُفسّرِ قرآن، مفتي اَحمَد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهي واقعا جيڪي حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شَبِ مِعْرَاج مُلَاحظه فرمايو، اهي سڀ جا سڀ اڃا واقع ناهن ٿيا بلڪ قيامت کان پوءِ ٿيندا. جنّت ۽ جهنّم ۾ داخلو قيامت کان پوءِ ٿيندو، جنّت جو دروازو ئي مالِڪ جنّت، صاحبِ ڪوثر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کولائيندا، سڀ کان پهريان پاڻ ڪريم ئي جنّت ۾ داخل ٿيندا، حضرت بِلال رَضِيَ اللهُ عَنْه جن جو آواز سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنّت ۾ ٻُڌو، انهن جو ته اڃا ظاهري انتقال به نه ٿيو هو، مِعْرَاج جي رات اهي پنهنجي ظاهري زندگي سان مڪي مڪرمه ۾ موجود هئا، حضرت اُمِّ سُلَيم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن کي حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنّت ۾ ڏٺو، اهي ظاهري زِندگي سان پنهنجي گهر ۾ موجود هيون، انهن جو جنّت ۾ داخلو قيامت کان پوءِ ٿيندو. (مرآة المناجيح، جلد:8، صفحه:362خلاصةً) الله اڪبر! پياري آقا، مڪي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سَفَرِ مِعْرَاج کي 1442 سال گذري چڪا آهن، اڃا قيامت اچڻ ۾ خبر ناهي ڪيتريون صديون وڌيڪ لڳن، پوءِ قيامت جو 50 هزار سال جو ڏينهن، ان کان پوءِ جنّتي جَنّت ۾ ويندا، جهنمي جهنم ۾ ويندا، يعني هزارين سالن کان پوءِ ٿيندڙ واقعن کي حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شَبِ مِعْرَاج پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهن، پنهنجي ڪنن سان ٻُڌي رهيا آهن، الله! الله! سائنسدانن مسلسل 3 صديون ڪوششون ڪيون، سَفَرُ الوقت يعني ٽائم کي جمپ ڪرڻ جي لاءِ تجربا ڪيا ويا پر اڃا تائين وقت کان 5 منٽ اڳتي وڃڻ يا 5 پنج منٽ پوئتي وڃڻ ۾ به ڪامياب نه ٿيا پر اسان جي آقا ومولي، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ڏسو! اڄ کان 1442 سال پهريان پاڻ هزارين سال بعد ٿيندڙ

واقعن ڪي پنهنجي اکين سان، عين بيداري ۾ ڏٺائون، پنهنجي ڪنن سان آواز ٻڌو ۽ پاڻ بہ بنفسِ نفيس اتي موجود هئا، پوءِ اتي وجي اتي رهجي نہ ويا، ٻيهر هزارين سال پوئتي يعني مڪےءِ مڪرمہ ۾ واپس تشريف بہ وٺي آيا. سُبۡحٰنَ اللّٰہ! سُبۡحٰنَ اللّٰہ!

اَوْج پانا میرے حُضُور کا ہے
عَرش جانا میرے حُضُور کا ہے
عَرش سے بھی پَرے وہ ہَو آئے
آنا جانا میرے حُضور کا ہے
حَق تَعَالٰی کا جلوہ راتوں رات
دیکھ آنا میرے حُضُور کا ہے

## (5): بيت المقدس مڪي پاڪ ۾ رکيو ويو

شَبِ مِعۡرَاج جي صبح جو جڏهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مڪي وارن کي سَفَرِ مِعۡرَاج جي خبر ڏني تہ ڪافر جيڪي هر ڳالهہ کي پنهنجي ناقص عقل تي تورڻ جا عادِي هئا، پهريان تہ هن عظيمُ الشّان معجزي کي پنهنجي ناقص ۽ اَنقص عقل تي تورڻ ۽ مَعَاذ الله نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو مذاق اُڏائڻ لڳا. مڪي وارن کي خبر هئي تہ اڳ ۾ مُحَمَّد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بيت المقدس کي ناهي ڏٺو، ان ڪري انهن رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان بيت المقدس جي باري ۾ سُوال پڇڻ شروع ڪيا، ڪنهن پڇا ڪئي: اتي ڪيترا دروازا آهن؟ ڪنهن چيو: بيت المقدس جو رقبو ڪيترو آهي؟ ڪنهن پڇا ڪئي: بيت المقدس جو گنبذ ڪيترو اُونچو آهي؟ (تاريخ خمیس، رکن ثانی، جلد:1،صفحہ:582)

الله اڪبر! ڪهڙا فضول سُوال آهن، خليفہ اعليٰ حضرت علاّمہ ظفر الدّين بهاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: عام ڳالهہ آهي، ڪو ماڻهو ڪنهن گهر ۾ ويندو آهي تہ

ان جي حيثيت مختلف ٿيندي آهي، اهو انجينئر جو حال آهي تہ هو جڏهن ڪنهن گهر ۾ وڃي تہ ان جي نگاهہ انهن ڳالهين ڏانهن هوندي آهي، اهو سوچيندو آهي تہ عِمَارت ڪيتري اُونچي آهي؟ ديوارون ڪيتريون ٿلهيون آهن؟ عمارت جو رقبو ڪيترو آهي؟ ڪيترا دروازا آهن؟ جيڪو شخص ڪنهن ٻي مقصد جي لاءِ ويندو آهي، ان جي توجهہ هرگز انهن شين ڏانهن ناهي ويندي، ۽ ان رات سرڪارِ ذي وقار، مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي خاص تجليءِ الٰهي هئي، ان خاص ڪيفيت ۾ بلڪ عام حالتن ۾ بہ بيت المقدس جا دروازا ڳڻڻ، ايراضي تي غور ڪرڻ، گنبذ جي بلندي ڪي سوچڻ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شانِ نبوت جي خِلاف هو، جيئن حديث شريف ۾ آهي: جڏهن انهن ماڻهن بيت المقدس جي باري ۾ اهڙا فضول سوال پڇيا تہ غيبن تي خبردار، سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سخت پريشاني ٿي، ايتري ۾ چا تا ڏسن تہ حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام بيت المقدس کي کڻي سندن اڳيان حاضِر ٿيو، هاڻي ڇا هو، ڪافر جيڪو ڪجهہ پڇندا ويا، نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ هڪ شيءِ جي باري ۾ ٻڌائيندا ويا، جڏهن رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عِمَارت جا نشان، مسجد جو نقشو وغيره سڀ ڪجهہ ٻڌايو تہ اهو ٻڌي ماڻهو چوڻ لڳا: جيستائين نشانين جو تعلق آهي، خُدا جو قسم! اهي بالڪل درست آهن. (تحفۂ معراج النبی، صفحہ:334-335)

ممکن ہی نہیں عقلِ دو عالم کی رسائی
ایسا دیا اللہ نے رُتبہ شبِ مِعْراج (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (6): سج رُڪجي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! نبيِ رَحمَت، مالِڪ جنت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيت المقدس جون

---

1...قبالۂ بخشش، صفحہ:125۔

تمام نشانيون بيان ڪيون، ان جي باوُجُود بہ ڪافِر مِعراج شريف مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. هاڻي انهن هڪ ٻي نشاني بابت پڇا ڪئي، چيو: اي مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ان راهہ تي اسان جا قافلا ويا آهن، جڏهن اوهان بيت المقدس ويا آهيو تہ يقيناً راهہ ۾ قافلن ڪي بہ ڏٺو هوندو، ان ڪري اسان جي قافلن بابت اسان ڪي ٻڌايو.

نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ها! مون هڪ قافلي ڪي رَوۡحاء نالي مقام تي ڏٺو هو، اُنهن جو اُٺ گم ٿي ويو هو، هو اُٺ جي ڳولا ۾ هئا، مان انهن جي ترسڻ واري هنڌ وٽ ببينس، انهن جي پيالي مان پاڻي پيتو ۽ پيالو ان هنڌ ساڳي نموني رکي ڇڏيو. (تاريخ خميس، رکن ثانی، جلد:1،صفحه:582) هڪ روايت ۾ آهي: مون انهن ڪي سلام ڪيو، تہ هو چوڻ لڳا: هي تہ مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جو آواز آهي. (مسندبزار، جلد:8، صفحه:410، حديث:3484) پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وڌيڪ فرمايو: اهو قافلو اربع جي ڏينهن هتي پهچي ويندو، اهي ڳالهيون اوهان پاڻ انهن کان پڇي وٺجو.

هڪ شَخص پڇا ڪئي: اسان جو فُلاڻو قافلو بہ انهيءَ راهہ تي آهي، اوهان ان ڪي ڏٺو؟ فرمايائون: هائو! مان ان قافلي جي پرسان لنگهيس، تہ منهنجي بُراق جي تيز رفتاري سبب خوف زَده ٿي اُنهن جو اُٺ ٿهي پيو، پوءِ اُٺ تان ڪري هڪ شخص جي ڪارائي ٽٽي پئي آهي، اهو قافلو فلاڻي ڏينهن منجهند تائين هتي پهچي ويندو، توهان پاڻ انهن کان اها ڳالهہ پڇي وٺجو.

پوءِ فرمايائون: هڪ قافلي کي مون مقامِ تنعيم ۾ ڏٺو، اُنهن جي اڳيان اڳيان هڪ خاڪي رنگ جو اُٺ هو، ان تي اناج جون 2 ڌاري دار ٻوريون رکيل آهن ۽ هڪ حبشي ان تي سُوار آهي، اهو قافلو فلاڻي ڏينهن سج نڪرڻ تائين هتي پهچي ويندو.

هاڻي ڪافر انتظار ڪرڻ لڳا، پوءِ جڏهن اهو ڏينهن آيو، جنهن جي صبح سج ايرڻ مهل قافلي کي پهچڻو هو، ان ڏينهن سج نڪرڻ کان ڪجهہ پهريان

ڪافرن جا ڪجھ ماڻھو اولھ ڏانھن ھڪ جبل تي ويھي رھيا ۽ سج نڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا ۽ جنھن پاسي کان قافلو اچڻو ھو، ڪجھ ماڻھو ان پاسي جبل تي ويھي رھيا، جيئن سج نڪتو، اولھندي جبل تي ويٺل ھڪ شخص بلند آواز سان چيو: ھٰذِہ الشَّمۡسُ قَدۡ طَلَعَتۡ اھو سج نڪري آيو آھي. گڏ ئي ٻي پاسي کان آواز آيو: ھٰذِہ الۡعِيرُ قَدۡ اَقۡبَلَتۡ ڏسو! قافلو بہ اچي ويو. جڏھن قافلو ويجھو آيو تہ ماڻھن ڏٺو: واقعي ان قافلي جي اڳيان خاڪي رنگ جو اُٺ ھو، ان تي ٻہ ڌاري دار ٻوريون رکيل ھيون، يعني جيڪا نشاني صادِق وامين نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيان ڪئي ھئي، اھا بلڪل درست ثابت ٿي. (تاريخ خميس، رکن ثانی، جلد:1،صفحه:582)

پوءِ منجھند جي وقت جنھن قافلي کي پھچڻو ھو، ان جو انتظار ٿيڻ لڳو، سُبۡحٰنَ الله! اھو قافلو بہ عين منجھند وَقت مڪۂ مڪرمہ ۾ داخِل ٿيو، ماڻھو قافلي جي ويجھو گڏ ٿيا، ڏٺائون تہ واقعي انھن مان ھڪ شخص جي ڪارائي ٽٽل آھي، پڇڻ تي ان شخص ٻڌايو: جھنگ ۾ بجلي جيان اسان جي ويجھو کان ڪا شيءِ گذري، ان کي ڏسي اسان جو اٺ ٿھي پيو، ان ڪري اٺ تان ڪري منھنجي ڪارائي ٽٽي پئي آھي. (مسندبزار، جلد:8، صفحه:411، حديث:3484)

ھاڻي ٽئين قافلي جو انتظار ٿيڻ لڳو، نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمان مُطَابِق ان قافلي کي سج لھڻ وقت پھچڻو ھو پر اھو قافلو ڪنھن سبب واٽ تي رُڪجي ويو، ھوڏانھن ڪافر سج کي ڏسي رھيا ھئا، ڏسندي ڏسندي سج بلڪل لھڻ ويجھو ٿي ويو ۽ قافلي جو اجا تائين ڪو نالو نشان بہ نہ ھو، ان وَقت مالِڪ و مختار نبي، رسولِ ھاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دُعا فرمائي تہ سج رڪجي ويو، جيئن ئي قافلو مڪۂ مڪرمہ ۾ داخِل ٿيو، گڏ ئي سج بہ لھي لٿو.
(تاريخ خميس، رکن ثانی، جلد:1،صفحه:583)

تَبَارَکَ اللہ حکومت اُن کی، زمیں تو کیا ہے آسماں پر
کِیا اشارے سے چاند ٹکڑے، چھپا ہُوا خُور بُلا رہے ہیں

## شَبِ مِعرَاج جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو، ”مِعۡرَاج شريف“ مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ڪيترو عقل کي حيران ڪندڙ معجزو آهي، سُبۡحٰنَ الله! اڄ اها ئي بابرڪت رات آهي، جنهن رات اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اهو عظيم الشان معجزو عطا ٿيو هو، اچو! 27 رَجَب جي فضيلتن تي 3 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا: (١):حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہ کان رِوَايت آهي: جيڪو ستاويهين رجب جو روزو رکي، الله پاڪ ان جي لاءِ 60 مهينن جي روزن جو ثواب لکي ڇڏيندو آهي. (٢): حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنۡہ روايت ڪن ٿا، رسولن جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: رَجَب ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو هن ڏينهن روزو رکي ۽ رات جو قيام (يعني عبادت) ڪري تہ ڄڻ ان 100 سال جا روزا رکيا، 100 سال شَب بيداري ڪئي ۽ اها رجب جي ستاويهين تاريخ آهي. (٣):شُعَبُ الايمان جي رِوَايت آهي: رجب ۾ هڪ رات آهي جو ان ۾ نيڪ عمل ڪرڻ واري کي 100 سال جي نيڪين جو ثواب ملندو آهي ۽ اها رجب جي ستاويهين رات آهي، جيڪو هن رات ۾ 12 رڪعتون هن طرح پڙهي جو هر رڪعت ۾ سورة الفاتحہ ۽ ڪا هڪ سُورت ۽ هر ٻن رڪعتن تي التحيات پڙهي ۽ 12 پوريون ٿيڻ تي سلام ورائي، ان کان بعد 100 ڀيرا اهو پڙهي: سُبۡحٰنَ اللهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكۡبَرُ پوءِ اِسۡتِغۡفَار (مثال طور اَسۡتَغۡفِرُ اللهَ، اَسۡتَغۡفِرُ اللهَ) 100 ڀيرا، دُرود شريف: 100 ڀيرا پڙهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي لاءِ جنهن شيءِ جي چاهي دُعا گهري ۽ صبح جو روزو رکي تہ الله پاڪ ان جون سڀئي دُعائون قبول فرمائيندو، سواءِ ان دُعا جي جيڪا گُنَاهه جي لاءِ هجي.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي بڻجڻ، دِل ۾ عشق مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شَمع روشن ڪرڻ، سُنّتن تي عمل جو جذبو ماڻڻ، گُنَاهن کان بچڻ جو ذهن

بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي دِيني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي دِيني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اِنْ شَآءَ الله! ان جون برڪتون پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ، **الحمد لله**! دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ دِين جو ڪم ڪرڻ، گهر گهر، گهٽي گهٽي سُنّتن جو پيغام پهچائڻ جي لاءِ هر دم مَصرُوف آهي، اوهان بہ هن نيڪ ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو، دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصو وٺو ۽ نيڪي جي دَعوَت عام ڪري خوب خوب ثوابِ آخرت جا حق دار بڻجو. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي: **علاقائي دورو**. هفتي ۾ 2 ڏينهن يا هفتي ۾ هڪ ڏينهن هر مَسجِد جي چوڌاري ۽ گهر گهر، دُڪان دُڪان وڃي گهرن ۽ دڪانن ۾ موجود ۽ راهہ ۾ بيٺل ۽ ايندڙ ويندڙ تمام افراد کي نيڪي جي دَعوت ڏيندا آهن، ان کي **علاقائي دورو** چيو ويندو آهي.

اسان کي گهرجي تہ اسان سڀ بہ عاشقانِ رسول سان گڏجي علاقائي دوري ۾ شِرڪت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريون، اِنْ شَآءَ الله! نيڪي جي دَعوَت ڏيڻ ۽ عِلمِ دين ڦهلائڻ جو ثواب ملندو. نيڪي جي دَعوَت ڏيڻ جو ثواب ڇا آهي؟ اچو! اهو بہ ٻُڌي وٺون تہ، بي چين دِلين جي چين، رَحمتِ دارين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ڇا مان توهان کي اهڙن ماڻهن جي باري ۾ نہ ٻڌايان جيڪي نہ نبي آهن، نہ شهيد، پوءِ بہ روزِ قيامت انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلام ۽ شهيد انهن جو مقام ڏسي رَشڪ ڪندا (يعني گهڻو خوش ٿيندا)، اهي ماڻهو نور جي منبرن تي بلند هوندا، هي اهي ماڻهو آهن جيڪي الله پاڪ جي ٻانهن کي الله پاڪ جو محبوب (يعني پيارو) بڻائي ڇڏيندا آهن ۽ هو زمين تي نصيحتون ڪندي هلندا آهن. عرض ڪيو ويو: هو ڪهڙي طرح ماڻهن کي الله پاڪ جو محبوب بڻائيندا آهن؟ فرمايائون: هو ماڻهن کي الله پاڪ جي پسنديده ڳالهين جو حڪم ڏيندا آهن ۽ بُري ڳالهين کان منع ڪندا آهن، پوءِ جڏهن ماڻهو انهن جي اِطاعت ڪندا تہ الله پاڪ انهن کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو.

احمد رضا کا صدقہ مسلمان نیک ہوں | نیکی کی دعوت آقا! جہاں بھر میں عام ہو

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو

پنجاب جي هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي، هڪ ڏينهن اسان وٽ ڪراچي مان مَدَني قافلو تشريف وٺي آيو، مدني قافلي وارن سان گڏجي مون ڪي بہ علاقائي دوري ۾ شِرڪت جو شَرف مليو، اسان هڪ درزي جي دُڪان جي ٻاهر ماڻهن کي گڏ ڪري نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا هئاسين، جڏهن بيان ختم ٿيو تہ انهيءَ دڪان جي هڪ مُلازِم نوجوان چيو: مان غير مسلم آهيان. اوهان جي نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي وڏو اَثر ڪيو آهي، مهرباني فرمائي مون کي اسلام ۾ داخِل ڪريو پوءِ اَلحَمدُ لِلّٰہ! **اهو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.**

مقبول جہاں بھر میں، ہو دعوت اسلامی صدقہ تجھے اے رَبِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”القرآن مع تفسير“ ايپلي ڪيشن

**اي عاشقان رسول!** اڄڪلهہ ٽيڪنالوجي جو دور آهي، تقريباً هر هڪ وٽ اينڊرائڊ يا آئي فون موبائل هوندو آهي، **الحمد لله!** دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي بہ عِلمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. مثال طور دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جارِي ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: *Quran with Tafseer* (القرآن مع تفسير). اها ايپلي ڪيشن *Android* ۽ *IOS* ٻنهي طرح جي ڊيوائسز سان ڊاؤن لوڊ ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن ايپلي ڪيشن ۾ ❖ مڪمل قرآنِ ڪريم ، ❖ اعليٰ حضرت، آقاءِ نعمت، اِمامِ اهلسنت، شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو لکيل اردو ترجمو ڪنز الايمان ❖ نئين دور جي تقاضائن جي مطابق نهايت آسان اردو ترجمو، ترجمو ڪنز العرفان ۽ ❖ آسان انداز ۾ لکيل، اُرْدُو جي سڀ کان جديد (*Latest*) تفسير **تفسير صراط الجنان**

شامل آهي. اوهان ڪتي بہ هجو، هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان قرآنِ ڪريم ترجمو ۽ تفسير سان پڙهي آساني سان سمجهي بہ سگهو ٿا ۽ گڏوگڏ قرآني آيتن ڪي، ترجمي ۽ تفسير ڪي واٽس ايپ، فيس بُڪ وغيره تي پنهنجي دوستن سان شيئر بہ ڪري سگهو ٿا. پهرين فرصت ۾ ئي اها ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو، عِلمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّۃ يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاۃ الصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ،الفصل الثانی،۱/۵۵،حدیث:۱۷۵)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ“ سُنَّت آهي

ٻہ ۲ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: (1):منهنجي اُمَّت جي اَفضَل عبادت تلاوتِ قرآن آهي. (شُعَبُ الْاِیْمان، باب:تعظیم قرآن، جلد:2، صفحه:347، حديث:2004) (2): جيڪو رات جو 200 آيتون تِلاوت ڪري، ان جو نالو عبادت گذارن ۾ لکيو ويندو ۽ جيڪو 400 آيتن جي تِلاوت ڪري، ان جي لاءِ هڪ قِنطَار اَجر لکيو ويندو، هڪ قِنطَار 120 قيراط جي برابر آهي ۽ هڪ قيراط اُحُد جبل جيترو آهي. (شُعَبُ الاِيْمَان، جلد:2، صفحه:401، حديث:2197)

**اي عاشقانِ رسول!** تِلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي. اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا ❖ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيو: ڪا شيء پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي تِلاوت کان نہ روڪيندي هئي ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن سڄي سُورَۂ بَقَرَۃ ۽ سُورَہ آلِ عِمرَان جي تلاوت ڪندا هئا ❖ روزانو رات جو سُورَہ سَجدَہ، سُورَہ مُلڪ، سُورَۂ بَنِي اِسرَائِيل، سُورَۂ زُمَر، سُورَۂ ڪافِرُون، سُورَۂ فَلَق ۽ سُورَۂ وَالنَّاس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا.

الٰہی خوب دے شوق قرآن کی تلاوت کا | شرف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**"**اميرِ اهلسنت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه **جا** بہ رسالا "**101 مدني گل**" ۽ "163 **مدني گل** هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

**آمين بجاه النبي الامين** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرکارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305